# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2001
# سنڌ (ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH (TEXTILE INSTITUTE OF PAKISTAN) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. اداري جو قيام ۽ هيئت

Establishment and incorporation of the Institute

4. اداري جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Institute

5. ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو

Institute open to all

6. پڙهائي ۽ امتحان

Teaching and Examinations

7. اداري جا عملدار

Officers of the Institute

8. سرپرست

The Patron

9. جاچ پڙتال

Visitation

10. چانسلر

The Chancellor

11. بورڊ آف گورنرس

The Board of Governors

12. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Board

13. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

14. صدر

The President

15. ايگزيڪيوٽو ڪائونسل

Executive Council

16. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

17. اداري جا فنڊس ۽ رپورٽون

Funds and Reports of the Institute

18. اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ بورڊ کي جمع ڪرايو ويندو

Annual Statement of Accounts to be submitted to the Board

19. ضمانت ۽ دائره اختيار تي پابندي

Indemnity and Bar of Jurisdiction

20. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2001
# سنڌ (ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH (TEXTILE INSTITUTE OF PAKISTAN) ORDINANCE, 2001

[21 اپريل 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ٽيڪسٽائيل سائنسز جي ميدان ۾ هڪ ادارو قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، ۽ جنهن مقصد ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ڪراچيءَ ۾ ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان سڏيو ويندو؛

۽ جيئن ته سنڌ اسيمبلي جو سيشن جاري نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن؛

هاڻي، تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان جي سلسلي ۾ ۽ عبوري آئيني حڪم سان گڏ پڙهو ان سلسلي ۾ مليل اختيارن جي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ (ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement | (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| وصفون<br>Definitions | 2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۾ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين: |
| | (a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب اداري جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛ |
| | (b) "بورڊ" مطلب اداري جو بورڊ آف گورنرس؛ |
| | (c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛ |
| | (d) "چانسلر" مطلب اداري جو چانسلر؛ |
| | (e) "فيڪلٽي" مطلب اداري جي فيڪلٽي؛ |
| | (f) "فائونڊيشن" مطلب سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽر ٿيل نيشنل ٽيڪسٽائيل فائونڊيشن؛ |
| | (g) "باني ميمبر" مطلب ايسوسيئيشن جي يادداشت نامي تي صحيحون ڪندڙ؛ |
| | (h) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ |
| | (i) "ادارو" مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل ٽيڪٽائيل انسٽيٽيوٽ؛ |
| | (j) "سرپرست" مطلب اداري جو سرپرست؛ |
| | (k) "صدر" مطلب اداري جو صدر؛ |
| | (l) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطن موجب بيان ڪيل؛ ۽ |
| | (m) "ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا. |
| اداري جو قيام ۽ هيئت<br>Establishment and incorporation of the | 3.هڪ ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان سڏيو ويندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو: |

| | |
|---|---|
| Institute | (a) سرپرست، چانسلر، صدر ۽ بورڊ جا ميمبر؛<br>(b) اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل ۽ ڪميٽين جا ميمبر ايئن هوندا، جيئن بورڊ جوڙي؛<br>(c) فيڪلٽيز ۽ ان جي جوڙيل يونٽس جا ميمبر؛ ۽<br>(d) اهڙا ٻيا عملدار ۽ عملي جا ميمبر جيئن بورڊ طرفان وقت بوقت بيان ڪيو وڃي.<br>(2) ادارو ٽيڪسٽائيل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان جي نالي سان هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي ٻنهي قسم جي محترڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جيڪو چاٽايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو. |
| اداري جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and Functions of the Institute | 4.عام ضابطي ۽ حڪومت جي هدايت سان، اداري کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:<br>(a) ٽيڪسٽائيل سائنسز جي ميدان ۽ اهڙين ٻين سکيا جي شاخن ۾ هدايت فراهم ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ اهڙيءَ ريت ان جي ترقي ۽ ڄاڻ جي واڌاري لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اهو طئي ڪري؛<br>(b) شاگردن کي چونڊڻ ۽ داخلا ڏيڻ؛<br>(c) ٽيڪسٽائيل ۾ پڙهائي جا ڪورس ۽ اهڙين ٻين شاخن ۾ سکيا لاءِ ڪورس بيان ڪرڻ، جيئن ادارو طئي ڪري؛<br>(d) امتحان منعقد ڪرائڻ ۽ انعام، ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز اهڙن ماڻهن کي ڏيڻ، جن کي داخلا ڏني وئي هجي ۽ جن امتحان پاس ڪيا |

هجن؛

(e) اعزازي ڊگريون ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ، جيئن سرپرست منظوري ڏئي؛

(f) شاگردن طرفان ٻين يونيورسٽيز ۾ سکيا جي هنڌن تي پاس ڪيل امتحانن ۾ پڙهيل پيريڊس جي برابري طئي ڪرڻ ۽ اهڙي يڪسانيت کي پرکڻ ۽ رد ڪرڻ؛

(g) ٻين يونيورسٽيز يا ادارن سان اهڙي طريقي سان سهڪار ڪرڻ يا اهڙي مقصد لاءِ جيئن اهو طئي ڪري؛

(h) پاڻ کي ٻين ادارن سان ضم ڪرڻ يا جوڙڻ؛

(i) موثر تعليمي، تربيتي ۽ ٻين پروگرامن لاءِ پڙهائي جا طريقا ۽ حڪمت عمليون طئي ڪرڻ؛

(j) ٽيچنگ، تحقيق، تربيت، انتظاميا ۽ لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(k) اداري جي شاگردن جي نظم و ضبط تي نظر ۽ ضابطو رکڻ؛

(l) مقصد پورا ڪرڻ لاءِ اداري کي مليل مالي ۽ ٻيا وسيلا استعمال ڪرڻ؛

(m) آرگنائيزيشنز، ادارن، باڊيز ۽ فردن سان پنهنجي ڪمن ۽ سرگرمين جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ معاهدن، نيڪن ۽ انتظامن ۾ داخل ٿيڻ؛ ۽

(n) اهڙا ٻيا سمورا ڪم ۽ شيون ڪرڻ جيڪي اداري جي تعليم، سکيا ۽ تحقيق جي هنڌ جي مقصدن لاءِ ضروري هجن.

| | |
|---|---|
| 5. ادارو سڀني ماڻهو لاءِ کليل هوندو پوءِ اهي ڀل ڪنهن بہ جنس، ڪنهن بہ مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل سان تعلق رکندا هجن، جيڪي تعليمي طور تي اداري طرفان آڇيل پڙهائي جي ڪورس ۾ داخلا لاءِ اهل آهن، ۽ اهڙي ڪنهن بہ شخص کي جنس، مذهب، طبقي، نسل، درجي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي سهولتون ڏيڻ کان انڪار نہ ڪندو. | ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو<br>Institute open to all |
| 6. (1) اداري جا تعليمي پروگرام ڇاڻايل طريقيڪار موجب هلايا ويندا.<br>(2) ڪا ڊگري، ڊپلوما جا سرٽيفڪيٽ تيستائين جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين شاگرد اسلامڪ ۽ پاڪستان اسٽڊيز ۾ امتحان پاس نہ ڪيو هوندو، يا غير مسلم شاگرد جي صورت ۾ ايٿڪس ۽ پاڪستان اسٽڊيز جو امتحان پاس نہ ڪيو هوندو. | پڙهائي ۽ امتحان<br>Teaching and Examinations |
| 7. اداري جا هيٺيان عملدار هوندا، يعني:<br>(a) چانسلر؛<br>(b) صدر؛ ۽<br>(c) اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي اداري جي عملدارن طور بيان ڪيا ويا هجن. | اداري جا عملدار<br>Officers of the Institute |
| 8.(1) سنڌ جو گورنر اداري جو سرپرست هوندو.<br>(2) سرپرست جڏهن موجود هوندو، اداري جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.<br>(3) سرپرست جي غير حاضري جي صورت ۾، چانسلر ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.<br>(4) اعزازي ڊگري ڏيڻ جي هر آڇ لاءِ سرپرست کان | سرپرست<br>The Patron |

تصديق ڪرائڻ لازمي هوندو.

| | |
|---|---|
| جاچ پڙتال<br>Visitation | 9. (1) سرپرست اداري سان لاڳاپيل معاملن لاءِ جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهو اهڙي جاچ يا پڇا ڳاڇا لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو.<br>(2) سرپرست جاچ پڙتال ۽ پڇا ڳاڇا جي نتيجي بابت صدر سان رابطو ڪندو ۽ صدر جو ردعمل معلوم ڪرڻ کانپوءِ، صدر کي قدم کڻڻ بابت مشورو ڏئي سگهي ٿو.<br>(3) صدر، مخصوص وقت دوران اهڙي ڪنيل قدم بابت سرپرست سان رابطو ڪري سگهي ٿو جيڪڏهن ڪو ڪنيو ويو هجي، يا جيڪو جاچ پڙتال يا پڇا ڳاڇا جي نتيجن تي قدم کڻڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هجي.<br>(4) جتي صدر مخصوص وقت دوران سرپرست کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪو قدم نہ ٿو کڻي، سرپرست اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ صدر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو. |
| چانسلر<br>The Chancellor | 10. (1) چانسلر هڪ ناليوارو شخص هوندو، جيڪو معاشري ۾ ڄاڻ يا خدمت جي ميدان ۾ مڃيل طور ڄاتل سڃاتل هوندو ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاقي ۽ انٽيليڪچوئل ڪيليبر طور پسنديده هوندو.<br>(2) چانسلر سرپرست طرفان بورڊ جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن بورڊ طرفان بيان ڪيو ويو هجي.<br>(3) چانسلر بورڊ جو چيئرمين هوندو.<br>(4) جيڪڏهن چانسلر بيماري يا ڪنهن ٻئي سبب |

جي ڪري ذميواريون نڀائڻ جي لائق نہ هجي تہ، صدر ان جي جڳهہ تي ڪم ڪندو.

بورڊ آف گورنرس
The Board of Governors

11. (1) عام نظرداري ۽ يونيورسٽي جي معاملن جو ضابطو ۽ اداري جي پاليسيز جوڙڻ جا اختيار بورڊ وٽ هوندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) چانسلر (چيئرمين)

(b) صدر (ميمبر)

(c) سيڪريٽري (تعليم) حڪومت سنڌ يا ان جو نامزد ڪيل (ايڪس آفيشو ميمبر)

(d) يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو هڪ نامزد ڪيل. (ايڪس آفيشو ميمبر)

(e) ست باني ميمبر فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيا ويندا (ايڪس آفيشو ميمبرس)

(f) چيئرمين، آل پاڪستان ٽيڪسٽائيل ملس ايسوسيئيشن (ميمبر)

(g) هڪ ناليوارو تعليمدان/انٽيليڪچوئل فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيو ويندو (ميمبر)

(f) سيڪريٽري (ايجوڪيشن)، سنڌ حڪومت (ايڪس آفيشو ميمبر)

(2) چانسلر جي غير حاضري جي صورت ۾، فائونڊيشن جو چيئرمين چانسلر طور ڪم ڪندو ۽ ان جي غير حاضري جي صورت ۾ صدر چيئرمين طور ڪم ڪندو.

(3) بورڊ جي ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل شخص سان پري ويندي، جيڪو ميمبر طور نامزد ڪيو ويو هجي، ان جي آسامي

پري ويندي.

(4) غير سرڪاري ميمبرن ڪانسواءِ ميمبر چانسلر جي خوشي سان عهدو رکي سگهندا.

(5) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندا.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Board

12. (1) بورڊ اهڙا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي هيٺين ريت هوندا:

(a) اداري جي ملڪيت، فنڊس ۽ وسيلا رکڻ، سنڀالڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اداري جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي سڪيورٽي تي فنڊس اڏارا ونڻ يا جمع ڪرڻ، جيئن گهربل هجي؛

(b) اداري جي سرگرمين ۽ آپريشنز کي هلائڻ لاءِ اصول، پاليسيز ۽ منصوبا جوڙڻ ۽ منظور ڪرڻ، تہ جيئن تعليمي اسٽاف کي انهن جي تحقيق، پڙهائي ۽ ٻئي تعليمي ڪم ۾ آزادي کي يقيني بڻائي سگهجي؛

(c) اداري جي جوڳي ۽ اثرائتي ڪارڪردگي لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(d) اداري جا حصا پيدا ڪرڻ، جهڙوڪ، فيڪلٽيز، اسڪول ۽ شعبا ۽ اهڙيون اسٽينڊنگ ڪميٽيز ڪائونسلز ۽ ٻيون انتظامي يا تعليمي ايڊوائيزري باڊيز جوڙڻ جيڪي اهو ضروري سمجهي ۽ انهن جي ڪم جي نظرداري ڪرڻ؛

(e) اداري جي ڪمن جي منصوبن ۽ ساليانا بجيٽ جي منظوري ڏيڻ؛

(f) اداري جي سرگرمين سان لاڳاپيل رپورٽون طلب ڪرڻ ۽ انهن تي غور ڪرڻ ۽ منصوبن جو عملدرآمد جن تي ڪم ٿيڻو آهي ۽ صدر کي هدايت ڪرڻ تہ بورڊ طرفان بيان ڪيل ڪنهن معاملي سان لاڳاپيل معلومات فراهم ڪري؛

(g) اهڙا تعليمي ۽ انتظامي عهدا پيدا ڪرڻ جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ اداري جي ٽيچنگ ۽ نان ٽيچنگ اسٽاف جا شرط ۽ ضابطا طئي ڪرڻ بشمول انهن جي تعليمي قابليت ۽ تجربي جي ۽ اهڙي اسٽاف جون مقرريون ڪرڻ؛

(h) اهڙي اسٽاف جي سسپينشن، سزا ۽ نوڪري مان برطرفي لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(i) اداري جي مالي حيثيت جي ذميداري کڻڻ، بشمول ان جي آپريشنز جي اثرائتي هئڻ کي يقيني بڻائڻ، ان جي جاري رکڻ ۽ اداري جي خودمختياريءَ کي محفوظ بڻائڻ؛

(j) سمورن انتظامن جي منظوري ڏيڻ جن ذريعي ٻيا ادارا اداري سان جڙي سگهن؛

(k) ان جي ميمبرن منجهان اهڙيون ڪميٽيز يا ٻين باڊيز بشمول فيڪلٽيز جي مقرر ڪرڻ، جيئن اهو ضروري سمجهي؛

(l) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ جيڪي ضروري هجن؛

(m) اهڙا سمورا قدم کڻڻ جيڪي اهو ضروري سمجهي يا جيڪي اداري جي جوڳي ۽ اثرائتي انتظامن ۽

ڪارڪردگي لاءِ ضروري هجن.

**بورڊ جون گڏجاڻيون**
Meetings of the Board

13. (1) بورڊ گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ ٻه دفعا اهڙين تاريخن تي گڏجاڻي ڪندو جيئن صدر چيئرمين جي مشوري سان طئي ڪري؛

بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي صدر طرفان يا بورڊ جي ميمبرن طرفان، جيڪي چار کان گهٽ نه هجن، انهن جي درخواست تي ڪنهن به وقت ميٽنگ ڪوٺائي سگهبي، جيئن ڪو به هنگامي حالت جو معاملو غور هيٺ آڻي سگهجي.

(2) خاص گڏجاڻيءَ جي صورت ۾ بورڊ جي ميمبرن کي هڪ نوٽيس ڏنو ويندو، جيڪو ڏهه ڪم وارن ڏينهن کان گهٽ نه هوندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا مخصوص ڪيل هوندي، جنهن معاملي بابت خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم چار هوندو. ڪورم جي غير حاضري جي صورت ۾، گڏجاڻي اهڙي وقت تائين ملتوي ڪئي ويندي، جيستائين ڪورم مڪمل ٿئي.

(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريتي راءِ ۽ ووٽنگ سان ڪيا ويندا. جيڪڏهن ميمبر برابر ٿي وڃن. بورڊ جو چيئرمين ڪاسٽنگ ووٽ جو استعمال ڪندو.

**صدر**
The President

14. (1) صدر بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن اهو طئي ڪري.

(2) صدر اداري جو چيف اڪيڊمڪ ۽ ايڊمنسٽريٽو

آفيسر هوندو ۽ ان جي اداري جي تنظيم، هدايت، انتظاميا ۽ پروگرامن جي عملدرآمد جي ذميداري هوندي. بورڊ طرفان جوڙيل گائيڊ لائينس ۽ پاليسيز موجب ۽ بورڊ جي فيصلن تي عملدرآمد لاءِ ۽ خاص طور تي صدر:

(a) اداري جي ڪمن جا منصوبا ۽ بجيٽ ڪاٿا بورڊ کي منظوري لاءِ جمع ڪرائڻ؛

(b) هدايت، تربيت، تحقيق، مظاهري، خدمت ۽ مجاز خرچن لاءِ پراگرامن جي عملدرآمد سان لاڳاپيل سرگرمين جي هدايت ڪرڻ بشرطيڪ اهي بورڊ طرفان منظور ٿيل بجيٽ ۾ شامل هجن؛

(c) بورڊ جي منظوري سان استاد، عملدار ۽ اداري جي اسٽاف جا ميمبر مقرر ڪرڻ ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي ضابطن ۽ بورڊ طرفان منظور ڪيل طريقيڪار موجب ضروري هجن، ته جيئن مقرر ڪيل ماڻهن ۾ اعليٰ انٽليڪچوئل ۽ اخلاقي خوبين کي يقيني بڻائي سگهجي؛

(d) بورڊ کي اداري جي سرگرمين بابت ۽ ڪمن جي منصوبن تي عملدرآمد بابت رپورٽون جمع ڪرائڻ؛

(e) اداري جي معاملن تي عام ضابطو ۽ نظرداري رکندو ۽ ان ڳالھ کي يقيني بڻائيندو ته هن آرڊيننس، ضابطن، قاعدن، پاليسيز ۽ بورڊ جي هدايتن تي سٺي نموني عمل تي رهيو آهي؛ ۽

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي کيس چانسلر يا بورڊ طرفان سونپيا ويا هجن.

(3) بورڊ پنهنجي اختيارن مان ڪي به صدر کي سونپي سگهي ٿو جيڪي اهواهڙين شرطن موجب مڙهڻ لاءِ ضروري سمجهي.

ايگزيڪيوٽو ڪائونسل
Executive Council

15. بورڊ هڪ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جوڙيندو، جيڪا چيئرمين ۽ اهڙن ميمبرن تي مشتمل هوندو، جيڪي بورڊ طرفان مقرر ڪيا ويندا ۽ آرڊيننس، ضابطن جي گنجائشن ۽ بورڊ جي هدايتن موجب، ايگزيڪيوٽو ڪائونسل اداري جي انتظامن جي ذميوار هوندي ۽ هن آرڊيننس جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ جي پاليسين ۽ هدايتن تي عملدرآمد جي ذميوار هوندي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل
Academic Council

16. (1) بورڊ هڪ اڪيڊمڪ ڪائونسل جوڙيندو، جيڪا چيئرمين ۽ اهڙن ميمبرن تي مشتمل هوندي، جيڪي بورڊ مقرر ڪندو.

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي صدارت چانسلر ي سندس نامزد ڪيل ڪندو ۽ اها مشتمل هوندي:

(i) صدر طرفان نامزد ڪيل شعبن جا ٽي سرپرست؛

(ii) اداري جا سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(iii) بورڊ طرفان آرٽس، سائنسز، ٽيڪسٽائيس، مارڪيٽنگ مئنيجمينٽ يا ٻين لاڳاپيل ميدانن ۾ ناميارا اٺ ماڻهو؛

(iv) يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو صلاحڪار (تعليميات) يا سندس نامزد ڪيل؛

(v) تعليم کاتي سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس طرفان نامزد ڪيل؛ ۽

(vi) صدر، ٽيڪسٽائين انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان.

(3)اڪيڊمڪ ڪائونسل اداري جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي ۽ ضابطن موجب سمورن تعليمي مامرن بشمول ڪورسن، نصاب، امتحانن، ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن جي، ۽ سمورن لاڳاپيل معاملن جي ذميوار هوندي.

(4)اڪيڊمڪ ڪائونسل جون گڏجاڻيون آزاداڻي نموني ڪيون وينديون، پر اهي سال ۾ ٻن دفعن کان گهٽ نہ هونديون.

(5) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم سمورن ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

اداري جا فنڊس ۽ رپورٽون
Funds and Reports of the Institute

17. (1) اداري کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ فيس، عطين، ٽرسٽس، وصيتن، انڊومينٽس، حصن، وڪرو، رايلٽيز ۽ گرانٽس بشمول اهي رقمون جيڪي فائونڊيشن مان حاصل ٿين، اهي جمع ڪيون وينديون.

(2) ڪو بہ خرچ فنڊ مان نہ ڪيو ويندو جيستائين اهو بجيٽ جي منظوري ۾ نہ آهي ۽ ان جي ادائگي جو بل بيان ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ نہ ڪيو وڃي.

(3) اداري جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ سال ۾ هڪ ڀيرو فائونڊيشن طران مقرر ڪيل آڊيٽر طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ بورڊ کي جمع

18. اڪائونٽس جو ساليانو اسٽيٽمينٽ ۽ ان سلسلي ۾ آڊٽ رپورٽ آڊيٽر طرفان بورڊ کي جمع ڪرائي ويندي.

**ڪرايو ويندو**
**Annual Statement of Accounts to be submitted to the Board**

**ضمانت ۽ دائره اختيار تي پابندي**
**Indemnity and Bar of Jurisdiction**

19. (1) هن آرڊيننس تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو، ڪيس يا قانوني ڪارروائي ڪنهن شخص يا اٿارٽي خلاف نه ٿيندي.

(2) چانسلر يا بورڊ طرفان هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪو به فيصلو يا ڪو به قدم يا ڪيل ڪنهن به ڪم تي ڪنهن عدالت يا ٻي اٿارٽي ۾ سوال نه اٿاري سگهبو.

**رنڊڪون هٽائڻ**
**Removal of difficulties**

20. (1) جيڪڏهن هن آرڊيننس جي گنجائشن تي ڪو به سوال اٿي ٿو ته، اهو معاملو بورڊ سامهون رکيو ويندو ۽ ان سلسلي ۾ بورڊ جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن به گنجائش کي اثرائتو بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي، بورڊ اهڙو حڪم جاري ڪندو، جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن سان تڪرار ۾ نه هجي، جيڪو اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ ضروري سمجهي.

(3) جتي هن آرڊيننس تحت ڪجهه ڪرڻ لاءِ ڪا گنجائش جوڙي وڃي پر اٿارٽي جي سلسلي ۾ ڪا گنجائش يا اڻپوري گنجائش هجي، يا وقت جنهن تي، يا طريقو جنهن تحت، اهو ٿيڻو هجي اهو بيان نه ڪيو ويو هجي، ته پوءِ اهو ڪم اٿارٽي طرفان اهڙي وقت ۽ اهڙي

طريقي ڪيو ويندو جيئن بورڊ هدايت ڪري.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.